پبليڪيشن ۴

# پورهيت





## "پهرين مئي"

پورهيتن جو عالمي ڏينهن

# نئون صبح

سھيڙيندڙ: نرنجن


| | | |
|---|---|---|
| عالمي صورتحال: | ڏکڻ لبنان | هڪ صحافي |
| | ڪمبوڊيا، ويٽنام | هه - م |
| مستقل ڪالم: | اکيون آرسيون | تاج بلوچ |
| | ور وائيءَ جو جي اهڃن | انور |
| ڪهاڻيون: | زخمي چانڊوڪي | ساغر سميجو |
| | طوفان جو ڏاسُو | ميڪسم گورڪي |
| | ڏڏندڙ بالڪوني | مائڪ |
| تبصرو: | غيرجانبدار ڪير آهي؟ | سياسي مبصر |
| شخصيت: | حيدربخش جتوئي | حيدر لغاري |
| تاريخ: | پهرين مئي- پورهيتن جو عالمي ڏينهن | انور |
| مضمون: | ايل پيتوجو | چي گويرا |
| | شاهه لطيف - انقلابي شاعر | عبدالسلام خواجه |
| شاعري: | اگسٽينو نيٽو، نور گهلو، خادم سنڌي، تاج جويو، امداد چانڊيو، مانيٽو اوتو، سونوخان ملاح، خاڪي جويو، منصور ميراڻي ۽ ٻيا. | |



ڇپائي جو مهينو: مئي 1978

قيمت (3-00) ٽي روپيه

هي ڪتاب نرنجن، انڊس پرنٽرس، سوسائٽي حيدرآباد مان ڇپائي ڳاڙي ڪاٽي حيدرآباد مان پڌرو ڪيو.



پاران ايم ايچ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# آزادي انسان ڳالهہ مڙيوئي هڪڙي....

لفظ آزاديءَ کان تہ اڄڪلهہ هرڪو ماڻهو واقف آهي. لکڻ پڙهڻ جي آزادي، گهمڻ ڦرڻ جي آزادي، مرڻ جيئڻ جي آزادي، سوچڻ سمجهڻ جي آزادي، وڙهڻ جي آزادي، کائڻ روئڻ جي آزادي، ڦرڻ لٽڻ جي آزادي، عورت جي آزادي، فڪر جي آزادي، نشي پتي جي آزادي، سياسي آزادي، سماجي آزادي، معاشي آزادي، فرد جي آزادي، قوم جي آزادي وغيره عام طور استعمال ٿين ٿا.

ڪيترا ماڻهو ان لفظ جي معنيٰ ۽ مقصد سمجهڻ کان سواءِ ان لفظ کي استعمال ڪن ٿا. آخر آزادي آهي ڇا؟ آزاديءَ جو سائنسي تصور ڪهڙو آهي؟ ڇا ڪنهن فرد جي آزادي اها آهي تہ ان کي جيئن وڻي تيئن ڪري؟ وڏيس تہ ڪنهن ٻئي کي گولي هڻي يا گهٽ وڌ ڳالهائي يا وڻيس تہ پاڻ کي گولي هڻي؟ ڇا ڪنهن قوم جي آزاديءَ جو مقصد اهو آهي تہ جيئن وڻيس تيئن ڪري؟ پر وڻڻ جو معيار ڪيئن مقرر ٿئي؟ ڪنهن بہ عمل مثال طور ڪنهن ٻي قوم تي حملي ڪرڻ لاءِ جيڪڏهن ڪنهن قوم جي اڪثريت راضي هجي تہ ڇا اهو حملو ڪرڻ آزاديءَ ۾ شمار ٿئي ٿو؟ ڇا اهو بہ نہ سوچجي تہ قومن ۾ ڪنهن بہ عمل لاءِ راءِ ٺاهڻ پويان ڪي هٿرادو ذريعا بہ ٿي سگهن ٿا؟ ڇا انهن هٿرادو ذريعن (غلط يا صحيح جو معيار بہ مقرر ڪرڻو پوندو) کي استعمال ڪرڻ جي آزادي بہ آزادي آهي؟ معاشي مسئلن جي سائنسي حل ڪرڻ جي آزادي ڇا ڪن ساٿين جي ڦرلٽ ڪرڻ جي آزاديءَ سان نہ ٿي ٽڪرائجي؟ تہ ڇا آزاديءَ جو تصور بہ طبقاتي نہ آهي؟

انهن سڀني سوالن مان وري هڪ ٻيو سوال به اڀري ٿو ته حق ڇا آهي؟ ۽ حق ڇا آهن؟

ڇا آزاديءَ وانگر حق به هڪ ٻئي سان نه ٽڪرائبا آهن؟ حق مان وري ڪنهن به عمل لاءِ سماجي ۽ اخلاقي منظوري جو مسئلو اٿندو. ٻيو وري فرض جو مسئلو ۽ ٻيا انيڪ مسئلا.

انهن سڀني مسئلن کي سمجهڻ لاءِ اسان کي آزاديءَ جو سائنسي يعني ٺوس حقيقتن مان ثابت ٿيل تصور کولڻو پوندو.

پر ڇا انهن مسئلن تي آزاديءَ مان سوچڻ، بحث ڪرڻ ۽ لکڻ جي آزادي؟

بهرحال اوهان کي ان مسئلي تي لکڻ جي دعوت ڏجي ٿي.

نرنجن

مايا ڪووسڪي

سنڌيڪار: نرنجن

## نظم

منهنجون اکيون
گرجا جا در
ميني لاءِ کليل،
ماڻهو —
چاتل
اڻچاتل
وڻندڙ
۽ اڻوڻندڙ
هڪ وڏي جلوس جيان
منهنجي روح ۾ پيا اوتجن.

## حيدربخش جتوئي (آندل صفحي ٦٤ تان)

۽ تمنا آهي ته هنن مان ڪي حيدر جهڙا سچا سورهيه ۽ مخلص مهندار پيدا ٿين ۽ پنهنجي نسل جي ڪا بي لوث خدمت ڪري ۽ ان شاندار سلسلي کي برقرار رکيو اچن. آمين

[٧- ١-١٩٧٦ع تي سنڌ يونيورسٽي ماڊل اسڪول جي شاگردن ”گلن جهڙن ٻارڙن“ جي جماعتي شاخ طرفان ملهايل حيدربخش جتوئي جي ورسي جي موقعي تي پڙهيو ويو —]

ٻئي ڏينهن تي جڏهن آءٌ آفيس پهتس ته منهنجيءَ ميز تي هڪ بند نيل خاڪي لفافو پيل هو. ڏاڍي سڪون ۽ ڌيرج سان لفافو کولي خط پڙهڻ لڳس.

خط ۾ لکيل هو:

”جيئن ته هن ڪاٽي ۾ انڊا–ڊنڊ پرتوون ڪيون ويون آهن، ۽ جڏهن ته هي ڊپارٽمينٽ ايترن ماڻهن جون گهريون پگهارون ڏيڻ جي سگهه نٿو رکي سگهي، تنهن ڪري ملڪ جي مفاد کي آڏو رکي اڄ کان اوهان جي نوڪري ختم ڪئي وڃي ٿي.“

خط جي عبارت پڙهي مون ائين محسوس ڪيو، ڄڻ منهنجو پوڙهو بدن ٽڪنڪيءَ سان ٻڌل آهي ۽ جنهن تي ڏاڍي بيرحميءَ سان ڦٽڪا وسي رهيا آهن .... ۽ اهو نوجوان منهنجي ڦٽڪن جي سزا خلاف وڏي واڪ پڪاري رهيو آهي●

---

✲ قومي ٻولي، رياست جي سرڪاري ۽ دفتري ٻوليءَ کي نه چئبو آهي، پر ان ٻوليءَ کي چئبو آهي جيڪا مادري ٻولي هجي—

✲ دنيا ۾ ائين ڪڏهن به نه ٿيو آهي ته قوم اڳ ۾ وجود ۾ اچي ۽ سندس ٻولي سالها سال جي بحث ۽ مباحثي کان پوءِ هڪ قانون لاڳو ڪري مقرر ڪئي وڃي.

## پاڪستان ۾ قومي ٻوليءَ جو مسئلو

---

فيروزدين منصور جي ١٩٥٤ ۾ ڇپيل ڪتاب جو سنڌي ترجمو جلد ٻڌرو ٿي رهيو آهي—

ساغر سميجو

# زخمي چانڊوڪي

هل ته موٽي هلون. مون ٿي پاڻهو هتي اڄ ڪجهه بيزاري ختم ٿيندي پر خبر نه آهي ڇو مرڪوٽي اداس ٿيندو ٿو وڃان.

"قربان ڄاڻي تون تنگ ته نه ٿي پئي آهين؟"

"نه يار اهڙي ڪهڙي ڳالهه آهي."

"توکي ڪجهه وٺڻو ته نه آهي؟"

"نه، بس پليڊ ۽ صابڻ وغيره آئون ڪلهه ئي وٺي ويو هوس."

"هون!.... ڇو ته پوءِ هل ته هلون، پر ٻه منٽ بيهه اسٽال تي ڏسون ڪو نئون رسالو ته ڪونه آيو آهي."

"آيو هوندو ته پوءِ وٺندين؟.... پهرين مون کي ڪيسي جي جهڙتي ڏي پوءِ پلي هل اسٽال تي."

"يار تو ته مون تي ڏاڍيون پابنديون وجهي ڇڏيون آهن، تنهنجو مطلب ته جنهن شيءِ کي خريد نه ڪري سگهجي ان کي ڏسجي به نه؟"

"پو نه ته ٻي. خوامخواهي وقت وڃائڻ مان ڪهڙو فائدو."

"ڀلي تنهنجي مرضي آئون توکي ڇا ٿو چئي سگهان."

انسان ڪيترو نه رذل آهي، ڪو ڪمائڻ ۾ ڪو اڏائڻ ۾. ڪي سائيڪلن تي ڪي موٽرن ۾ ڪي اسڪوٽرن تي ڪيترو نه جلدي اچي وڃي رهيا آهن. پيادا به ڏاڍو تکو پيا هلن....! موٽرن وارن کان به تکا. زندگي جي ڊوڙ ڪيتري نه تکي آهي، آءٌ مان ڪرنڊڙ تاري جيئن.

# ڏڏندڙ بالڪونيءَ ۾ اُلر ڪندڙ جو اوسيڙو

بالڪوني ڏڏي پئي

ته هو اچي رهيا آهن: مٿان ڪڙڪڻ لاءِ. اُلر ڪري، جهٽ هٿي مارڻ لاءِ هنن کي اوس اچڻو هو. ۽ ائين ڪرڻو، اچي پهتا آهن. بالڪوني ڏڏي پئي. جاءِ جون پاڙون ڏڪي رهيون آهن! (ته ڪين ماهه آ چا؟)

نه، ڌهڪاءُ ڪان.

پوءِ بالڪوني ڪري پوندي ۽ ڪن پل ۾ ڊ ٻجي ويندس. هيءَ بالڪوني، جنهن ۾ موڙي تي ويٺو آهيان، ۽ پنهنجي ڄمار جون ڪيتريون ئي ـ وسرندڙ گهڙيون هتڙي گهاريون اٿم. ڍهي پوندي، ۽ پٽ تي پيل جاءِ جي پنجوءَ هيٺان پوسانجي مري ويندس.

بالڪوني ڏڏي پئي، يا دل جي ڌڪي ڪارڻ، مان ڏڏي رهيو آهيان. منهنجي سڄي هستي. ظاهر آهي بالڪوني هن جاءِ جو سڀيون حصو آهي، جنهن ۾ مان رهان ٿو. ۽ جڏهن جاءِ جون پاڙون ڏڏي رهيون آهن ته، بالڪوني به اوس ڏڏندي.

۽ مان ڏڏي رهيو آهيان، يا ڏڪي—

ڌهڪاءُ ڪان. ۽ انهيءَ گهڙيءَ جي ڀَوَ ڪان، جڏهن هو، مون مٿان اچي ڪڙڪندا ۽ پوءِ جيڪا حالت ۽ هستيءَ جو اهو تجربو جيڪو هي—

سياڻو ٻوڙي ويو، ۽ وار ڪانڊاريل:

پر ڇا ٿو ڪري سگهجي! هنن حالتن ۾ ائين اوس ٿيڻو

ٿيو پيو ان کان، سڀ ڪجهه تاراج ٿيندڙ ان کان. پنهنجي نتيجي کان ته ڪيئن نه ناس
(هيءَ سوچڻ جو وقت ناهي. اها ڪمهلي سوچ آهي.)
سمجهان ٿو.

ميدان ۾ گهاٽي خلق.
درين مان، درن جي چيرن مان عورتون ڏسي رهيون آهن. ۽ بالڪونيون پريون پيون آهن. رونشو ڏسڻ لاءِ:
’ته اڄ ڪنهن ٻئي جي ڦٽي آهي.‘
رونشو ڏسندڙن جي آڇ ته!
رت ـ نپوڙيل ڇهراء
پنهنجي تعديءَ جو رونشو ڏسڻ لاءِ. ڪيئن آجيان ڪري رهيا آهن! ۽ سرپاٽ ڪري رهيا آهن! اکين ۾ ڏيپ جا پاڇولا، پوءِ به ٺهڪ
۽ تاڙيون!
وچ تي ٺياس کوڙيو اٿن.
گهڻا ڦٽڪا اڳندس: پنج، اٺ، ڏهه يا....

سموري خلق جا کليا ڇهڪيل. رت ـ نپوڙيل ڇهرا.
لڳي ٿو، سندن پوري جسم جو وزن، پيرن ۾ اچي ڪڏ ٿيو آهي.
ڪيڏا ڳوڙها قدم اٿن. ڏکيائيءَ سان واپس ورندڙ. ۽ هيڏا منهن.
جهڙوڪ هاوايل—
ته ڇا ڪين به ڏيپ آهي، هڪ ڏينهن سندن به وارو ايندو يا
پر هي ته کلن پيا. ٺهڪ پيا ڏين. ۽ تاڙا پيا ملائين.
پڪ ئي پڪ ڪين مزو آيو هوندو. تسڪين ملي هوندن! ڪيڏو نه روحاني اطمينان بخشيندڙ ڏيک هون:

در جو وات ھٽيل ٿي ھجي، تاڪ ڦاٿل. اوسيڙي جي اوس پچائي ڏيندي. پوءِ ھڪ ٻيو دڙو. مھن جي دڙي وارن رھواسين اڄين اوسڙو ڪونہ ڪيو ھو. ھيءُ اوسيڙو ڪيڏو نہ ڀوائتو آھي عذاب وا

پر ٻيو دڙو نہ ٿيندو. ھنن کي ھيئر دڙن جي ضرورت ناھي. پنھنجن ٿي ھٿن سان جوڙيل متن وسلي، ۽ انھن ۾ ڀوترائيءَ جو رنگ ڀري، پيش ڪري

ھيءُ ميدان ڪيڏو نہ سنسان ٿيو لڳي. ٻاڙو. لڳي ٿو، ھن ميدان جي سونھن سوڀيا ۽ رونق ٿي انھيءَ ۾ آھي تہ، ھتي ڏياس ڪوڙيو وڃي، انڪاس اپا ڪيا وڃن ۽ انھن تي اونڌا ماٿھو ٽڙا وڃن ۽ ڦٽڪا ۽ ھٿ وڍيا

انڪاس، ڏڪڏڪيون، روڄ راڙو، رت جون ڏينڊيون ۽ قتلام (۽ حياتيءَ جو نپوڙيل ست)

بالڪوني ٿڏي رھي آھي، اوھيو اڃي رھيا آھن. جو ھنن کي اوس مارو ڪرٿو آھي. ۽ الر ڪري

ھيءُ اوسڙو

تعجب آھي ٿڪ بہ نٿو ٿئي. جيتوڻيڪ ٿڪجڻ گھرجي. اوسڙو ٿي اھڙو آھي: ٿڪائيندڙ. پر ٿڪ نٿو ٿئي.

ڪٿي اٿين تہ ناھي، جو منھنجي لاءِ سزا ٿي اھڙي قسم جي آھي. ھو ذھن تي سوار ۽ اوسيڙي ۾ ذھني ۽ جسماني ۽ روحاني طور لوڻي ڀوڻي، ھيٺو ڪري، بي ستو

بالڪوني ٿڏي رھي آھي. اھاڻڪو ميدان. جاءِ جون ٻاڙون لڏي رھيون آھن.

شايد، ڳرين ڏينڪن جي قطار ٿئي اچي ●

(اگيسٽينو نيٽو، انگولا جي صدر جو هڪ نظم)

# موڪلاڻيءَ جي گهڙيءَ وقت

منهنجي جهجهل ا
(مڙني ڪارين مائرن ڏانهن، جن جا ٻچا موڪلائي ويا آهن)
تو مون کي سيکاريو،
اوسيڙي جو سبق ڏنو
جهڙي ريت تو سدائين آئين وارين گهڙين ۾ ڪيو آهي
پر مون لاءِ:
حياتيءَ انهيءَ ڳجهي اميد کي ناس ڪري ڇڏيو آهي
مان وڏيڪ اوسيڙو ڪري نٿو سگهان
تنهنجا چاوا
هاڻ اوڏانهن وڌي رهيا آهن
جتي ڪي سوڀ جو ويساهه
حياتيءَ کي چوٽو ڏئي ٿو
اسين:
سيترا لاس پونڻ جا اگهاڙا ٻچا
چٽ، چاها، ٽڪڙين جي ڪينهوڙن سان
ڌرتيءَ جو رانديون رهندڙ-
اسين:
جنهڙون حياتيون ڪافيءَ جي ڪمتن ۾ وڪائل
ريٽل، اڻڄاڻ ڪارا ماڻهو
جن لاءِ-
اڄن ڪي سانَ ڏيڻ
اميرن ڪان ڏجڻ فرض نهيل.

منهنجي ڪاري ماءُ:
اسين تنهنجا ٻچا آهيون
جيڪي روشنيءَ تائين وڃي نٿا سگهن.
تنهنجا ٻچا:
بکايل
هيسايل
جيڪي توکي اماں ڪوٺيندي لڄي ٿين ٿا!
جيڪي گهٽيون اوراگهيندي ڊڄن ٿا
جيڪي انسانن کان ڊڄن ٿا
اُهي اسين آهيون
ها جيجان!
اُهي اسين آهيون:
حياتيءَ جي اسدن کي پيهر موٽائيندڙ
تنهنجا ڇاوا:
امان:
مان وڏيڪ اوسيڙو ڪري نٿو سگهان

(آزاد ترجمو)

مانيٽو اوٽو

نظم

ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ وانگر
آئون به منافق آهيان سائين!
تون ته الائي
آهين، ناهين؟

نور گهلو

# سامراج ناموں

دنيا جي نقشي ۾
بمٹي، آڳ ڏسان ٿو
پنهنجي پنهنجي باهه جا شعلا
رت جون لنديون
انسانيت جو ناڻو ٻڏل.

ٻيلفاسٽ جي بازارن ۾
فرقيواري باهه لڳائي
آزاديءَ جا لٽيرا
تاريخن جا قاتل نهڪ ڏين ٿا
خوني ٻگهڙ جان تن جي
واڇن مان ٿو رت ڳڙي
مظلومن جو.

ٿورو دور
سنتياگو جي چونڪ ۾ شور
لوهي لٺ ۽ سنگينن مان
ڊڪٽيٽر جي
فوج آ بيٺي
ڏيھ ۽ ڀوڻ جي لڄ لٽن ٿا
دانهن تي سنگينن سان

چنڊن کي چيري ٽهڪ ڏين ٿا
جنسي ڪتا
ريهون، ڪمهون ۽ ڪيڪاٽ
ريفل سامهون
پيٽ، ياڪ ۽ بڙس.

هو جو ابتو پار ٽنگيل آ
دانهن ڪندڙ مائيءَ جو پٽ آ
ماڪ جي
فوجي بوٽن سان
چچريل ڇاتيءَ سان
ڪير ۽ رت وهن ٿا گڏجي
پبلو جو هو روح ٿو تڙڪي
فوجي جهنڊو پيو ٿو ڦڙڪي.

سامراج جي پونڪ پڌان ٿو
ويٽ نام تي
ڪمبوڊيا تي
نميبيا تي
انگولا تي
موزمبيق تي
فلسطين تي.
سنڌ ديس جي ڌرتيءَ تي به
ظلمت جي بازار گرم آ
هي جو ڳاڙهو ليڪو آ
مظلوم جي رت جو ليڪو آ.

خادم سنڌي

# پسي پورهيت ويسرا

ڌرتيءَ جي سيني تي اڀريل پوکون،
باغ باغيچا، سڙهيون سنارا،
ماڙيون، محل، مشينيون، موٽر، منڊيون ان جا انبار،
پٿرن تي اڪريل تصويرون، جهونن وقتن جا آثار،
ديول، مندر ۽ درگاهون،
ڪاهڙ ڪاهڙ ڪيمت ڪڙيل،
رستا، راهون، هٽ بازاريون، درياهن تي پليون پڌل،
انيڪ ڏيکڻ لئه اوچڻ، ڪاڏي پيتي جو سامان.
سڀ سان تنهنجي پگهر جي ايندي آ خوشبو.
پائيندو آهيان چڻ خالق انهن سڀن جو آهين تون.
دل چوندي آ،
سيس نوائي تنهنجي عظمت جي آڏو،
وڏي ادب سان ڪيان سجدو
سان تنهنجي عظمت جو سائين، قائل آهيان صدين کان.
سمجهان ٿو هيءَ دنيا قائم آ تنهنجي دم سان.
تنهنجي دم سان پوکون پاڄن،
توسان گل ڦل ۽ گلزار،
تنهنجي محنت هيرا موتي تنهنجو پورهيو پيداوار.
پر پوءِ تنهنجي حالت ڇاڇي، مون کي ولندو آ ويچار،
تو وٽ پڪ اڏي جو ناهي!!
تو وٽ ليڙ لٽي جي ناهي!
پيٽ بکايل ٻچڙا تنهنجا!

انيڪ اڳهاڙيون تنهنجون نياڻيون!!
تو هر شئي ۾ رنگ ڀريو آ.
تو هر شئي کي روپ ڏنو آ.
پوءِ به ڇو ظالم زردارن توکان تنهنجو حق کسيو آ؟
راتيان ڏينهان رت ولوڙي،
پردارن جا پيٽ ڀرين ٿو.
پوءِ به ويٺو جُڳ جُڳ کان تون سختيون صدما سور سهين ٿو.
قسمت! ڀاڳ!! نصيب!! مقدر!!
جنهن کي تون تقدير چوين ٿو
سا تنهنجي مجبوري آ
قسمت، ڀاڳ، نصيب، مقدر، مايوسي، لاچاري آ
بي سمجهي، بي همتي آ، سستي آ، معذوري آ،
هيڏي ساري دنيا ۾ تون تنهنجا يار اڪيلو ناهين.
اوپر، اولهه، اتر، ڏکڻ، جاچي ڏس تون چاري اور
ڏس تو جهڙا لک ڪروڙا!!
سمجهي، سوچي، پاڻ سڃاڻي،
وير وساري، ايڪو آڻي،
ڏاڍن آڏو سينو تاڻي.
پنهنجا حق وٺي ويا ۽ ڪي پنهنجا حق چڪائڻ ٿا پيا.
پر تون صدين کان سودائي، ڀاڳ، تي ڀاڙي ويٺو آهين
انڌي گهوڙي جي آ ڳانڍي پڙهيون ڳاريو ويٺو آهين.
آخر ڪيسين ڏاڍن آڏو.
سيس نوائي ويٺو رهندين؟
آخر ڪيسين حق ڦرايو،
سختيون، سور ۽ صدما سهندين؟؟

●

# ايل پيٽوجو (Elpatojo)

هي مضمون چي گويرا جي لکيل ڪتاب ”انقلابي جنگ جو قصو“ تان ورتل آهي. هن ڪتاب ۾ ڇپيل ٽڪرن جا واقعا بيان آهن جڏهن هن شروعات ۾ ڪيوبا جي هڪ علائقي سائيرا مئيسٽرا ۾ تمام ٿورن ساٿين سان جنگ جو آغاز ڪيو. جوليو رابرٽو جي شخصيت، ڪردار ۽ جدوجهد ڪان ايترو تہ متاثر هيو جو جيتوڻيڪ جوليو رابرٽو ان محاذ تي ساڻس گڏ نہ هيو پر هن پنهنجي ڪتاب جو آخري مضمون صرف رابرٽو جي زندگيءَ تي لکيو آهي- اسين اهو پڙهندڙن جي آڏو پيش ڪري رهيا آهيون—

ڪجھہ ڏينهن اڳ گواٽيمالا ڪان ڪيترن ئي محب وطن انقلابين جي موت جي خبر ملي، انهن مان هڪ جوليو رابرٽو بہ هيو.

پيشہ ور انقلابين جي حيثيت ۾ اسان جي طبقاتي جدوجهد جنهن سڄي آمريڪا کنڊ کي ڌوڏي ڇڏيو، ۾ موت اسان لاءِ تيز ۽ تڪڙن حادثن جيئن هئي پر هڪ اهڙي دوست جو موت، جيڪو اسان سان ڏکين ۽ پرامنيد تصور وارين گهڙين ۾ گڏ هجي، اهو موت هميشہ ڏاڍو ڏکدائڪ لڳندو آهي، رابرٽو هڪ عظيم دوست هو. هو ننڍڙو ۽ جسماني طور تي ڪمزور هوندو هو، تنهنڪري اسان هن کي ايل پيٽوجو جي نالي سان چيڙائيندا هئاسين - گواٽيماليءَ زبان ۾ هن جي معني آهي ننڍڙو يا ٻارڙو.

# حيدربخش جتوئي

— اصولن سان نباهيندڙ، زندگي جي اعليٰ قدرن جي نگهباني ڪندڙ، انهن لاءِ قرباني ڏيندڙ....
— ايثار ۽ بي لوث خدمتگاري جو هڪڙو چٽو نقش ۽ قابلِ قدر ڪردار....
— پنهنجي مقرر ڪيل اعليٰ مقصد ۽ مهم لاءِ رات ڏينهن وقف ٿيل: سپردگي جو لافاني شاهڪار....
— مصلحتن، سمجهوتن ۽ ڪنهن به قسم جي پس و پيش کان بي پرواهه، هڪ بي ڊڄڻ ۽ بي باڪ شخصيت....
— قومي ۽ سماجي سطح تي اسان جي غفلتن، حماقتن ۽ خود فريبين جو تجزيو ڪري اسان کي انهن کان خبردار ڪرڻ وارو ۽ اجرت، لالچ، تان ته ڪنهن گوشي طرفان پنهنجي خدمتن جي اعتراف ۽ داد جي انتظار کان بي نياز، لڳن ۽ جنون جو پورو پورو مجسمو،

— ۽ —

پنهنجي ذات ۾ ذات پنهنجي سان باطل خلاف پرجوش جنگ جوٽڻ وارو جوڌو، هر وقت هم تن سرفروش متوالو.... اهو آهي اسان جو يار حيدربخش جتوئي.

قوم اوسر ۽ ارتقا جي ڪهڙي به مرحلي تي هجي بهر صورت هنگي هر مرحلي ۾ منزل تي رهبري ۽ رهنمائي جي مستقل ضرورت رهي ٿي.

اسان جي قوم، جا اڃا ترقي پذير چوائڻ ۾ سڏجڻ جي به پوري طرح اهل نه آهي، پذيرائي جا آهڃاڻ به ڪنهن وقت

مزدورن سان پرجي ويا. مزدورن ۾ جوش، ولولو، انقلابي جذبو ۽ تنظيم ڪي ڏسي انتظاميا پهريون دفعو محسوس ڪيو ته آمريڪا جي تاريخ ۾ هي پهرين موثر هڙتال آهي. ڪجهه مزدور اڳواڻ پاپر سنز، سپائينب، فيلڊن ۽ سخويب مئڪ ڪارمڪ هارويسٽر ورڪس ۾ وڃي مزدورن کي هڙتال واري هنڌ جمع ٿيڻ جو اطلاع ڏنو.

پر انتظاميا سنگينن ۽ رائفلن سان مزدورن جو رستو روڪي ڇڏيو. ان ڪان پوءِ پهرين مئي تي صبح کان شام تائين مزدور جلسا جلوس ڪندا رهيا ۽ انتظاميا هنن کي تشدد ڪرڻ لاءِ مجبور ڪندي رهي ۽ هنن تي تشدد جاري رکيو. پر مزدورن کي پنهنجي تحريڪ کي ڪنهن منطقي نتيجي تي پهچائڻو هو، ان ڪري هنن نهايت صبر کان ڪم وٺندي پنهنجي ڪارروائي جاري رکي.

٢ مئي تي ڪالهه وارن واقعن ۽ پوليس جي تشدد جي رد عمل ۾ پهرين مئي کان به وڏو جلوس نڪتو. جنهن کان پوءِ آمريڪا جي سرمائيدارن ۽ ڪارخانيدارن محسوس ڪيو ته مزدور جيڪي اڳتي وڌيا آهن، سي پوئتي نه هٽندا. ان ڏينهن به مزدورن سڄي شهر کي بند ڪري، رستن، گهٽين، پارڪن ۽ چوسولن تي مزدورن جي حقن جا نعرا ۽ مزدور اتحاد جي اپيلن سان گڏ سرمائيداري استحصال کي اکاڙو ڪندا رهيا.

٣ مئي تي شڪاگو جا مزدور مارڪيٽ اسڪوائر ۾ جمع ٿيا جتي هو رات ڏينهن جانورن وانگي ڪم ڪرڻ واري قانون کان بغاوت ڪري روزانو ٨ ڪلاڪ ڪم ڪرڻ جي مطالبي کي اڳتي وڌائڻ لڳا. اڄ هنن جي جلسي ۾ اڳي کان وڌيڪ جوش ۽ جذبو هو. انتظاميا جي قاتلن اچوڪي جلوس تي گولي هلائي وڌي جنهن ڪري ٦ مزدور شهيد ٿي ويا ۽ شڪاگو جي رستن ۽ گهٽين ۾ بکايل مزدورن جو رت ريلا ڪري وهڻ لڳو.

٤ مئي تي ڪلهوڪي وارن واقعن کي ننديندي وڌيڪ مزدور

آفريقا ۽ لاطيني آمريڪا جي اٽ ڪان وڏهڪ ملڪن ۾ مزدور راڄ قائم ٿي چڪو آهي ۽ سوشلزم سرمائيداري تي فتح حاصل ڪري رهي آهي.

سائنسي سوشلزم جي باني ڪارل مارڪس ١٨٦٧ع ۾ آمريڪا جي مزدور تحريڪ جي پس منظر ۾ لکيو هو ته:

”آمريڪا ۾ ڪنهن اسم جي آزادانه مزدور تحريڪ تيستائين معطل رهي پئي آئي جيستائين ملڪ جي هڪ حصي مان غلامي وارو سرشتو غائب نه ٿيو هو جتي ڪاري چمڙي وارو مزدور غلام آهي، اتي اڇي چمڙي وارو مزدور آزاد ٿي نه ٿو سگهي. پر آزادي ڪانپوءِ هڪ نئين ۽ سخت زندگي جنم ورتو. روزانو ٨ ڪلاڪ ڪم ڪرڻ واري مزدور جدوجهد جي شروعات آمريڪا جي گهرو لڙائي جو هڪ سبب هو ۽ هڪ تحريڪ ايري جيڪا انتهائي تيزيءَ سان پئسفڪ سمنڊ کان پونچ وڏي سمنڊ ۽ نيو انگلنڊ کان ڪيليفورنيا تائين ڦهلجي وئي.“

ڪارل مارڪس طرفان نشاندهي ڪيل هن مزدور تحريڪ جو منطقي نتيجو هنو مئي ڏي، جيڪو دنيا جي مزدورن ۾ اتحاد پيدا ڪرڻ ۽ انهن ۾ بين الاقواميت واري جذبي وڌائڻ لاءِ ڪارل مارڪس جي ٺي مزدور نعري ته، ”دنيا جا پورهيتو- هڪ ٿي وڃو“، کي پهريون دفعو عملي صورت بخشي.

# ورواٽيءَ جوجي لهين

## ڀٽائي مادّيت پرست هو

ڀٽائيءَ جو هڪ نئون بيت مليو آهي، جيڪو هيٺئين ريت آهي:

نہ ڪتن، نہ ڪنبن، نہ ڪرين ڪوريءَ جي ڪاڻ،
جن ربيع سين وهاڻ، تن اونو ناهہ اُگهاڙ جو.

يعني: هو (هاري) نہ ڪتڻ جو ٻورهيو ڪن ٿا، نہ اهو ٻورهيو ڪندي گهٻرائن ۽ ٻجڻ جي هنن کي ضرورت محسوس ٿئي ٿي (نہ متان سٽ غلط يا خراب ڪتجي وڃي ۽ واپاري قبول نہ ڪن ۽ ٻڪ ڪاٽڻي پوي) ۽ نہ سٽ ڪٽيندڙ ڪورين جي ٿي ڪاڻ ڪرن ٿا. جن ڪي ربيع واري فصل سان وهاڻ آهي، جيڪي ربيع جو فصل پوکين ۽ لڻن ٿا، انهن کي اهڙو ڪوبہ انديشو ڪونهي تہ ڪو هو اگهاڙا يا ننگا گذاريندا.

اهو ان ڪري جو جن هارين جو ربيع جو فصل پاڪو لهي ٿو، سي ڏاڍي سکي حياتي گهاري سگهن ٿا. هو هارپو ڪن ٿا. پاڻ بہ پهرن ٿا ۽ جڳ کي بہ ڍڪڻ جو انتظام ڪن ٿا. هو بيروزگار ناهن جو وڃي ڪو ڪتڻ وغيره جو پيو ڌنڌو ڪن ۽ اهڙي طرح سواءِ ڪتڻ، ڪنبڻ ۽ ڪوريءَ جي ڪاڻ ڪڍڻ جي، هو هارپي سان ڍءُ ڪري ڪاٽي چڙهن ٿا.

هي بيت ڀٽائي جي هڪ پراڻي قلمي نسخي مان مليو آهي جنهن جا اڳيان ۽ پويان پنا ڏبون حالت ۾ پري ختم ٿي

سونو خان ملاح

## نظم

هاريءَ جو هٿ اپو ٿيندو،
مزدور جهڙن پڻ ڪنو ٿيندو.
ڳاڙهو گل گس گس ٽڙندو،
مظلومن جو ميڙو مڙندو،
ڪنهن لوهي وادو اٿندو،
ذاتي ڪهاڻو، آيو اٿندو؛
جڏهين حق جو نعرو هوندو،
عوام اماڻ مان سارو هوندو.

ڪنوڻ وانگي ڪوني ڪلندو،
پنهنجو پنهنجي مان جي ملندو.

هرڪو جڏهين هوشو ٿيندو،
هرڪو جڏهين هيو ٿيندو.
هرڪنهن ڏک سک گهڻو هوندو،
موت نه جڏهين مهڻو هوندو.
ڌرتيءَ لئه ڪو ڪونڌر ڪسندو،
پاپي ويڙهي وت پڻ پسندو.
سارو سنڌو ڳاڙهو وهندو،
رليل جڏهين راهون لهندو.

ڳاڙهو جهنڊو جڏهن جهلندو،
واڪا سڀاڻو تڏهين گهلندو.

سيف بنوي

## نئون راڳ!

وري نينهن لائيون،
وري پيچ پائيون،
وري راڳ ڳائيون،
وري چنگ چوريون،
پنهنجا سور اوريون،
اهڙي تار ڇيڙيون،
سوين سڌي ڇهڙيون،
وري ماڳ ميڙيون،
نئون دور آهي،
نئون عزم آهي،
وري رڻ جهاڳيون،
مگر حوصلي سان،
هلون هووي هوري،
پريان اهندو هوندو،
پنهون اوري اوري
ملي ويندي منزل.
ناهي ڳالهه مشڪل:
مگر منهنجا ساٿي!
وري چنگ پاريون،
ڪو طوفان اٿاريون،
ڪي دليون جياريون،
نئون دور آهي!
نوان نينهن لائيون.
نوان راڳ ڳائيون:

## غزل

تاج جويو

ڪيهڙا گيت گلابي ڳائيان، ڇو ڇم ڇم ڇير وڄاءِ،
من من جهومي اهڙو ڳاءِ، تن تن ۾ برهه ڀڙڪاءِ!
تن من ٻڏڪي ٻيراڳيءَ، ڇو ڇن ايندو آن ڇا لاءِ؟
تنهنجي سرلي کهڙو سوهه؟ ڪويل روڪي ڪوڪ، ڪناءِ!
آءُ ازل کان پياسو هان، اڄ اڄ، مٺي ڏي، اڄ اُجهاءِ!
جاڳرتا جو جام ڀري، آزاديءَ جو ڏڳ وڻاءِ!

## اشرف آصف مصراڻي

جيون ڏک جو ڏينهن سدا، جنهن جي ساعت سال ٿئي
ڪاش ستارن سان ڪا ٻڪ جي، من آڪاش ۾ رات اچي

توڙي سج ستارا سڀ، سڀن انڌيارو اوستائين،
من آڱڻ ۾ جسين ڪنهن جي ڇهري جي چانڊاڻ اچي،

يادن جا آهن بادل ڇانيا، ڳوڙهن جي برسات اُجهل،
نيڻ گهٽائون ڇايون ٿي، من مهراڻ ۾ موج مچي.

پنهنجي لئه هت ڪير جئي، زندگيءَ جي زندانن ۾،
روح رهي جي زنجيرن ۾ ڪيئن ڀلا هي جيءُ جئي.

## بيتنا

خاڪي جويو

اکيون اوجاڳن، ڳيرن جون ڳاڙهيون ڪيون،
ساري رات سڄاڳ ٿي، نهي ننڊ نه ڪن،
ٽانڊا ٿي ٽڙڪن، جاڳرتا جي جوت جا.

---

جاڳرتا جي جوت جا، پنهنجي ٿي پڙڪن،
آزاديءَ جي آڳ جي، ٻارڻ منجهه ٻرن،
ڳيرو ڳپ ڳرن، سوچن جي سنگرام تي.

منصور ميراڻي

# پير ڪڙي

جهڙ جهڙي، ان ڇڙي، ٻاڪ ٽٽي ٿي،
رات ڪٽي ٿي،
هاري هليا هر ڪڍي کيت کوڙيندا،
ايٽ جوڙيندا.
سوجهري ۾ سانوري ڪا سنگ ڪٽي ٿي،
رات ڪٽي ٿي،
سانت رٽي ساوا پکي لات لنون ٿا،
ٻات چون ٿا.
ڳهور انڌاري سان، اڃا جان ڇٽي ٿي،
رات ڪٽي ٿي،
ڇنڪ ڇوريو پير ٺوريو نيڻن سين ڪي،
ڏيو سيڻن سين ڪي،
هرڪو ڏسي پير ڪڙي ڪيئن ٽٽي ٿي،
رات ڪٽي ٿي،
اڃا ٻاڪ ٽٽي ٿي.

## راشد مورائي

### دوها

* ڀوڳي ڀوڪ هڻي جنهن ڀاري، لنڊيون لتاڙي
ٻنيءَ جي ويل تي سوني ڳوڙها ڀوڳاڙهي.

* هڪڙو آهه جلوس ۾ ڏکيو، ٻيو ٻخاريل پاڻ
بازر ڏانهن ڀڄن وڃي آ مزدورن جي ساڻ.

* پيٽن جي پارن جو ويو خالي جڏهن جهوب
ٽڪل ميوا ميڙي ڪاڏانهون، ٻڪ آ ٻچڙو ٽول.

* سڀ ۾ وڃي آهه جهڙن، ڪولهن ڪا نرالي
سهنجي اڏو ڦرڪي پيو ٽو جهنڊو پاڪستاني.

## لطف

### نظم

ويس وسن جا
ڪما ٽي ساڻون
بادل پرجي آيا،
سرخيون ساٿ
ٽيا سجايا.
ڪرڙ ڪڪوريا
پٽ ٽيا سرها
واهه جا گل ڪڙايا ٽني.

پر جي هو
اڙهندڙ پالڪ
توني لوڙهيو،
تنهنجي سونهن تي
سارنگ جاني
چنيءَ جان ٽي اکيو.

## شريف عباسي

### نظم

ڦول ڪڙن ٽا
ڪنول ٽڙن ٽا
رات سندي
ان سانت اندر
ڪيئي ڦهر ٽمن ٽا.
جوانيون ٻڪ و ڳهي ٽمون لڙجون
۽ سيءَ سياٽي پاري ۾
انڪ اگهاڙا لڳ ڏڪن ٽا
ٻڪ و ڳهي ڳلن ڪان پيارا
منڙين منڙين مرڪن وارا
پار مرن ٽا.


ALFABETIZADORES



# راڪشس

رات جي دانگيءَ مٿان
چنڊ جو لولو ٽڪيل
ان ڪڇو ۽ ان سڙيل
۽ ستارا
ٻار ٻڪ ڪان ڀاهه
چوڌاري مڙيل
اوچتو ڪارو ڪکر
راڪشس
آيو ۽ لولي ڪي ڳهي ويو!

— امداد حسيني

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي ورري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪٻئي جي مدد ڪرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي تي تہ هو وَسَ پٺاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليڳڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻ، سمجھَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَمر- گولو،

جيڪي بہ ڪٿين، جيڪي بہ ڪٿين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَر جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَر جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‎ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)